# حَسۡبُنَا الله

(يعني اسان کي الله ڪافي آهي)

01-August-2024



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

1 آگسٽ 2024ء (بمطابق 25 محرم شريف، 1446ھ) تي پاڪستان جي
هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# حَسۡبُنَا اللّٰہ (يعني اسان کي اللّٰہ ڪافي آهي)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ.....

*... هڪ نيڪي چار انعام

*... نابينا پکيءَ جو توڪل

*.. هر مشڪل کان نجات جو وظيفو

*.. نبين، ولين کان مدد گهرڻ ڪيئن؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

صحابي رسول حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پُرنُور چهري تي خوشي جا آثار هئا، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم هن جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو اُمّتي اوهان تي هڪ دفعو دُرود پڙهندو، مان ان لاءِ 10 نيڪيون لکندس، سندس 10 گُناهہ معاف ڪندس، 10 درجا بلند ڪندس ۽ اوتري ئي رحمت موڪليندس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کس بے کساں کہیں
اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو وڃي ٿو، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي درود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

---

[1]... مسند احمد، جلد:6، صفحہ:625، حديث:16795۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ نيڪي، چار انعام

غزوهءِ اُحُد جي وقت جي ڳالهه آهي، حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جيڪي عظيم صحابي رسول آهن، سندن فتح مڪّہ جي موقعي تي اسلام قبول ڪيائون، غزوهءِ اُحد جي وقت سندن اجا مسلمان نہ ٿيا هئا، غير مسلمن جي صف ۾ هئا. جيئن تہ غزوهءِ اُحد جي وقت ابو سفيان رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پڪاري چيو: اڳئين سال بدر جي ميدان ۾ اسان جي ۽ اوهان جي جنگ ٿيندي. آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن اعلانِ جنگ کي قبول فرمايو. ان کان پوءِ ابو سفيان ۽ سندس لشڪر مڪي روانو ٿيو، پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي ساڻ وٺي مديني شريف واپس تشريف وٺي آيا.

نيٺ سال گذري ويو. اتي ابو سفيان ۽ اهلِ مڪہ بہ جنگ جي تيارين ۾ هئا ۽ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ تيار هئا. جڏهن وعدي جو وقت اچي ويو تہ خدا جي طرفان ايئن ٿيو جو ابو سفيان ۽ سندس لشڪر جي دل ۾ ربّ ڪريم خوف وجهي ڇڏيو. هاڻي اهي چاهين پيا تہ ڪنهن طرح هي جنگ رڪجي وڃي ۽ اسان واپس مڪي روانا ٿيون پر بزدلي سان واپس ٿيڻ انهن کي گوارا نہ هو. جيئن تہ ابو سفيان هڪ چال هلي، نُعيم بن مسعود جيڪو ڪنهن ٻئي قبيلي جو هو، مڪي شريف آيل هو، ابو سفيان ان کي لالچ ڏني ۽ چيو: تون مديني

[1] مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

وڃ! ۽ مسلمانن جي دل ۾ خوف وجهي ڪين ڪنهن طرح جنگ ڪان روڪي ڇڏ .سو نُعَيم بن مسعود مديني پهتو، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان ان وقت جنگ جي تيارين ۾ هئا، نعيم ڪين چيو: اي مسلمانو! اوهين جنگ لاءِ نہ وڃو! مڪي وارن اوهان لاءِ وڏو لشڪر تيار ڪيو آهي، جيڪڏهن اوهين بدر ۾ ويا تہ اوهان مان هڪ بہ بچي واپس نہ ايندو.

نُعَيم بن مسعود تہ چاهيندو هو تہ مسلمان ڊڄي وڃن، پر سبحان الله! ان جي ڳالهين سان صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان جو جوش ۽ جذبو اڃا وڌي ويو، انهن بلند رُتبہ ماڻهن ايماني جذبي سان چيو:

وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡلُ ﴿۱۷۳﴾ (پاره:4، ال عمران:173)

تَرْجمو ڪنْزُالعِرْفان: اسان کي الله ڪافي آهي ۽ ڪهڙو نہ سنو ڪار ساز آهي

يعني اي نُعَيم! تون اسان کي ڪنهن ڪان ڊڄارين ٿو...!! هلو مڃو ٿا تہ ❁ **اوهان وٽ لشڪر آهي،** ❁ **جنگي سامان آهي،** ❁ **وڏي طاقت آهي** !!..پر ياد رکو ! ❁ **الله پاڪ اسان سان گڏ آهي،** ❁ **الله پاڪ جون رحمتون اسان سان گڏ آهن، الله پاڪ جي مدد ۽ نُصرت اسان سان گڏ آهي،** ❁تنهنڪري توهان چاهي جيترو مرضي وڏو لشڪر وٺي اچو! اسان ان ڪان هرگز نٿا ڊڄون، **اسان کي الله پاڪ جي مدد ڪافي آهي.**

نظر اللّٰه پہ رکھتا ہے مسلمانِ غیّور | موت کیا شے ہے فقط عالمِ معنیٰ کا سَفَر

**وضاحت:** يعني غيرت مند، پڪو ايمان وارو مسلمان موت ڪان ناهي ڊڄندو، اهو الله پاڪ جي رحمتن تي نظر رکندو آهي، ان لاءِ موت هڪ جهان ڪان ٻئي جهان جو سفر آهي.

صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان نُعَيم بن مسعود کي اهو جواب ڏنو ۽ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ بدر ۾ تشريف وٺي ويا. اُتي ابو سفيان ۽ مڪي جا غير مسلم تہ خوف ۾ مبتلا هئا، انهن کي نہ اچڻو هو، نہ ئي هو بدر

۾ آيا. صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان بدر ۾ خوب واپار ڪيو، منافعو ڪمائي خوشي خوشي واپس اچي ويا. هن واقعي کي **غزوه بدر صُغريٰ** چيو وڃي ٿو.

صحابہ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان جي هن ايماني جذبي جي بدلي ۾ اللّٰه پاڪ کين چار انعامات عطا فرمايا، ارشاد ٿئي ٿو:

فَانْقَلَبُوْا بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ فَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْٓءٌ ۙ وَّ اتَّبَعُوْا رِضْوَانَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۷۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ اُهي الله جي احسان ۽ فضل سان واپس موٽيا، انهن کي ڪا تڪليف نہ پهتي ۽ انهن الله جي رضا جي پيروي ڪئي ۽ الله وڏي **فضل وارو آهي.** (پاره:4، ال عمران:173)

(1) هڪ انعام تہ اهو ٿيو تہ کين اللّٰه پاڪ جون نعمتون نصيب ٿيون جو انهن بدر ۾ خوب واپار ڪيو ۽ مال ڪمايو.

(2) ٻيو انعام اهو ٿيو تہ اللّٰه پاڪ جو فضل انهن سان گڏ رهيو، مڪي وارا ڊپ جي ڪري بدر ۾ نہ آيا.

(3) ٽيون انعام اهو تہ انهن کي نہ وڙهڻو پيو، نہ ڪو جاني يا مالي نقصان ٿيو ۽ (4) چوٿون ۽ اهم انعام اهو مليو تہ کين اللّٰه پاڪ جي رضا نصيب ٿي وئي جيڪا ٻنهي جهانن جي وڏي نعمت آهي.[1]

کيوں کر نہ ميرے کام بنيں غيب سے حسنؔ | بندہ بھی ہوں تو کيسے بڑے کارساز کا[(2)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروز قرآني واقعي ۾ غور ڪريو! صحابہ

---

[1] خازن، پاره:4، آل عمران، زيرِ آيت : 174، جلد:1، صفحہ: 323 ملخصاً۔

[2] …ذوقِ نعت، صفحہ:18۔

ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو ايمان ڪيترو پڪو هو، اهي خوش نصيب ڪھڙو نہ جوشِ ايماني رکندا هئا ۽ هر هر معاملي ۾ الله پاڪ تي توڪّل (trust) ڪندا هئا، ان جي رحمتن تي، ان جي عنايتن تي، ان جي مدد تي ڀروسو ڪندا هئا، پوءِ نتيجي ۾ ڇا ملندو هو؟ الله پاڪ انهن کي هر ميدان ۾ ڪاميابيون عطا فرمائيندو هو. اچو! صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي انهيءَ توڪّل ۽ پڪي ايمان جو هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا:

## دريا ۾ گھوڙا ڊوڙائي ڇڏيا!!...

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جو دورِ خلافت هو، عظيم صحابي رسول حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ لشڪرِ اسلام سان گڏ مختلف علائقن کي فتح ڪري رهيا هئا، انهيءَ دوران ڪين **”بَهُر سِيَر“** نالي هڪ شهر ۾ پهتا ۽ ان جو گهيراءُ ڪري ورتو. هن شهر کي فتح ڪرڻ لاءِ درياءِ دَجله کي پار ڪرڻ ضروري هو. جيئن تہ غير مسلمن پنهنجو شهر بچائڻ لاءِ هي چال هلي تہ سيئي ٻيڙيون پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيون تہ جيئن مسلمان دريا کي پار ڪري، شهر تائين نہ پهچي سگهن. حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جڏهن هتي پهتا، ٻيڙيون ڳوليائون پر هڪ بہ ٻيڙي نہ ملي. هاڻي پريشاني هئي تہ شهر بہ فتح ڪرڻو آهي، دريا بہ پار ڪرڻو آهي، ٻيڙي بہ ڪا ناهي، هاڻي ڇا ڪجي.

انهيءَ دوران حضرت سعد رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي ذهن ۾ هڪ تدبير آئي، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ سڄي لشڪر کي گڏ ڪري فرمايائون: اي انسانو! چئو...!! نَسْتَعِيْنُ بِاللهِ وَ نَتَوَكَّلُ عَلَيْهِ، حَسْبُنَا اللهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْل اسان الله پاڪ کان مدد گهرون ٿا، انهيءَ تي ڀروسو ڪريون ٿا، اسان کي الله ڪافي آهي ۽ هو ڪيترو سٺو ڪار ساز آهي. **هي چئي گھوڙا دريا ۾ وجهو...!!**

سڄي لشڪر حضرت سعد رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي اطاعت ڪئي ۽ حَسْبُنَا اللهُ چئي گھوڙا دريا ۾ وجهي ڇڏيا. راوي چون ٿا: الله پاڪ جو قسم! انهيءَ ڏينهن هڪ بہ شخص درياء ۾ نہ ٻڏو، سيئي درياء جو سينو چيري ٻئي ڪناري تائين پهچي

ويا. جڏهن غير مسلمن هن منظر کي ڏٺو تہ پڪاري اٿيا: **ديوَ اچي ويا آهن، ديوَ اچي ويا آهن.** خدا جو قسم! انهن ماڻهن سان ڪو بہ انسان جنگ نٿو ڪري سگهي، انهن سان تہ جن ئي وڙهي سگهن ٿا.[1]

روايتن ۾ آهي: اسلامي لشڪر جڏهن درياء پار ڪري رهيو هو، ان وقت حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ حضرت سعد رضی اللہ عنہ سان گڏ هلي رهيا هئا، انهيءَ سموري رستي ۾ حضرت سعد رضی اللہ عنہ جي زبان تي هڪ ئي ڪلمو هو: حَسْبُنَا اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْل اسان کي الله ڪافي آهي ۽ هو ڪيترو نہ سٺو ڪار ساز آهي. هي ٻڌي ڪري حضرت سلمان فارسي رضی اللہ عنہ فرمايو: واه...!! ڇا شان آهي...!! اڄ تائين اسلامي لشڪر زمين کي لتاڙيو هو، هاڻي دريا جو بہ سينو چيري ڇڏيو آهي.[2]

دَشت تو دَشت دریا بھی نہ چھوڑے ہم نے | بحرِ ظلمات میں بھی دوڑا دیئے گھوڑے ہم نے[3]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪهڙيون ايمان اَفروز ڳالهيون آهن، ايماني جوش وڌائيندڙ واقعا آهن، انهن واقعن کي پڙهي، ٻڌي صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم جي ايماني جوش جو پتو پئي ٿو، ٿورو سوچيو! هي بلند رُتبہ حضرات الله پاڪ تي ڪيترو ڀروسو رکندا هئا...!! بظاهِر ڪاميابي جو ڪو بہ رستو نظر نٿو اچي، دريا پار ڪرڻو آهي، پل نهيل نہ آهي، ٻيڙيون ويجهو نہ آهن، دريا جون لهرون جوش ۾ آهن پر صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم جي ايماني جوش انهن لهرن جي جوش کي بہ ٺڏو ڪري ڇڏيو ۽ درياء جو سينو چيري لنگهي ويا.

ارادے جن کے پختہ ہوں، نظر جن کی خُدا پر ہو
تلاطُم خیز موجوں سے وہ گھبرایا نہیں کرتے

---

[1] تاريخ طبری، جلد:2، صفحہ:460 بتصرف۔
[2] تاريخ طبری، جلد:2، صفحہ:461 ۔
[3] ...كليات اقبال(اردو)، بانگ دار، صفحہ:193۔

**وضاحت:** جن ماڻھن جي اللّٰه پاڪ جي رحمت تي نظر هوندي آهي، ارادا پڪّا هوندا آهن، پوءِ اهي مشڪلاتن جي ڪا پرواهه ناهن ڪندا ۽ نہ ئي انهن کان گھبرائيندا آهن.

## افسوس...!! ايمان ڪمزور ٿي ويا

افسوس! افسوس! اڄ ايمان ڪمزور ٿي ويا، ڪٿي اُهي ڪامل مسلمان جن کي وڏيون وڏيون طاقتون بہ ڏيڄاري نہ سگھيون ۽ ڪٿي اڄ جو مسلمان جيڪو معمولي پريشاني تي بہ دل هاري ويهندو آهي۞ ڪٿي اُهي اونچي رُتبي وارا جيڪي وڏن وڏن طوفانن جو اڪيلي مقابلو ڪري ويا، ڪٿي اڄ جو مسلمان جيڪو معمولي مصيبت تي شڪايتون شروع ڪري ڇڏيندو آهي۞هاڻي تہ ماڻھو مال وڌائڻ لاءِ سودي ليڻ ڏيڻ ڪندا آهن، جڏهن تہ اللّٰه پاڪ ئي رازق آهي ۽ ان حلال ۾ برڪت رکي آهي ۞غربت جي خوف کان حرام طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن ۞ ماڻھو نماز جو وقت گذاري ڇڏيندا آهن، هن ڊپ کان تہ نماز پڙهڻ ويس تہ دڪان بند ٿي ويندو، نوڪريءَ جو ٽائم اَور ٿي ويندو۞ ماڻھو ڪوڙ ڳالهائيندا آهن، هن ڊپ کان تہ سچ ڳالهائڻ سان ڪم نہ هلندو۞ ماڻھو شور مچائيندا آهن، بي صبري ڪندا آهن، اللّٰه پاڪ کان شڪايت ڪندا آهن ۞۽ ايمان جي ڪمزوري ڏسو! ماڻھو بدشگوني ڪندا آهن. افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي معاشري ۾ بدشگوني تمام عام آهي ۞ صبح صبح ڪنهن انڌي، منڊي يا معذور کي ڏسي ورتو تہ ذهن ٺھجي ويندو آهي تہ اڄوڪو ڏينهن سٺو نہ گذرندو ۞ ڪو ڪم ڪرڻ لڳي، ڪنهن ٽوڪيو تہ چوندا آهن: تنهنجي ڪاري زبان آهي، هاڻي هي ڪم نہ ٿي سگھندو ۞ ايمبوليِنس (Ambulance) جي آواز ٻڌن تہ بدشگوني وٺندا آهن ۞ ڪم تي نڪتا، سامهون کان ڪاري ٻلي گذري وئي تہ يقين ڪيو ويندو آهي تہ ڪو نقصان ٿيندو، تنهنڪري ڪم کان رڪجي ويندا آهن۞ اڪ ڦڙڪي تہ ذهن ٺھجي ويندو آهي تہ ڪا مصيبت ايندي۞ڪڏهن نمبرن سان بدشگوني ورتي ويندي آهي، مثلاً 13 نمبر کي

منحوس سمجھيو ويندو آھي۞ ڪڏھن ڏينھن سان بدشگوني ورتي ويندي آھي ۞ ڪجھ مھينن کي ماڻھو منحوس سمجھندا آھن.

مطلب تہ ھي ايمان جي ڪمزوري آھي، اللّٰہ پاڪ تي ڀروسو ناھي ھوندو تہ اھڙا اُبتا سُبتا خيال پيدا ٿيندا آھن، نہ تہ ھن دنيا ۾ منحوس ڪجھ بہ ناھي، صرف گناھ منحوس آھن، گناھ جا ذريعا منحوس آھن، صرف اھو لمحو منحوس آھي، جنھن لمحي انسان گناھ ۾ مبتلا ٿيندو آھي، جيڪڏھن اسان جي ڪمن ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ٿي تہ گناھن جي نحوست سان اچي ٿي، جيڪڏھن اسان ناڪامين جو منھن ڏسون ٿا تہ گناھن جي سبب ڏسون ٿا، نہ تہ بدشگوني محض ھڪ غلط خيال آھي، وھم کان سواءِ ڪجھ بہ ناھي.

## بدشگوني جي برائين تي 2 حديثون

۞ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَيْسَ مِنَّا مَنْ تَطَيَّرَ وَلَا تُطَيِّرُ لَهٗ جنھن بدشگوني ورتي ۽ جنھن لاءِ بدشگوني ورتي وئي اھو اسان مان ناھي.[1] ۞ اسان جي نبي، سچي نبي، سني نبي، آخري نبي، رسول ھاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنھن ڪھانت( فال ڪڍي) يا جيڪو تيرن جي ذريعي فال ڪڍي يا جيڪو بدشگوني جي ڪري سفر کان موٽي اچي اھو ماڻھو ڪڏھن بلند درجن تائين نہ پھچي سگھندو.[2]

## ڪاميابي جون شرطون

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪنھن بہ ڪم ۾ ڪاميابي لاءِ 4 شرطون ھونديون آھن: (1) واضِح مقصد (2) سني پلاننگ (3) درست سمت تي گھڻي محنت (4) اللّٰہ پاڪ تي ڪامل ڀروسو. ڀانھو انھن چئن شرطن کي پورو ڪري تہ ڪاميابي ملي ئي ويندي آھي، اللّٰہ پاڪ ڪنھن جي محنت کي ضايع ناھي فرمائيندو. قرآنِ ڪريم ۾ آھي:

---

[1] مُسْنَد بَزَّار، جلد:9، صفحہ:52، حديث:3578۔
[2] مجمعُ الزّوائِد، جلد:5، صفحہ:144، حديث:8487۔

وَّ اَنَّ اللّٰهَ لَا یُضِیْعُ اَجْرَ الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۱۷۱﴾ (پاره:4، ال عمران:171)

ترجموڪنزالعرفان: الله ايمان وارن جو اجر ضايع ناهي فرمائيندو.

اسان وٽ ٿيندو چا آهي جو ماڻهو انهن شرطن کي پورو ناهن ڪندا، پوءِ جڏهن ڪاميابي ناهي ملندي ته شڪايتون ڪندا آهن، پنهنجي غلطي ڪڏهن ڪاري ٻلي تي وجهي رهيا هوندا آهن، ڪڏهن ڪنهن انڊي کي منحوس چئي دل کي تسلي ڏئي ڇڏيندا آهن.

## ڪاميابي جي شرطن جا مثال

هئڻ ته هي گهرجي جو ڪاميابي جي چئن ئي شرطن کي پورو ڪريون، پوءِ ڏسو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿين ٿيون، مثال جي طور تي ۞ گهر ۾ سڪون چاهيو ٿا، هي واضِح مقصد آهي، ان لاءِ باقاعده پلاننگ ڪئي وڃي، سوچ ويچار ڪئي وڃي ته گهر ۾ جهيڙا ڇو ٿين ٿا، پوءِ پوري محنت سان ان ناهيل، پلان (*plan*) تي عمل ڪيو وڃي، گهر ۾ اَمن ۽ سڪون آڻڻ جي طريقن تي پوري ڪوشش سان عمل ڪيو وڃي، گڏوگڏ الله پاڪ تي ڀروسو به ڪيو وڃي، دعائون به گهريون وڃن، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي ملندي ۞ حلال روزي ڪمائڻي آهي، ان لاءِ بهترين پلاننگ ڪريو، ڀرپور محنت ڪريو، ڪم ۾ سستي نه ڪريو، شرم جهجهڪ کي رستي ۾ نه اچڻ ڏيو، گڏوگڏ الله پاڪ تي ڀروسو به ڪريو، وظيفا به ڪريو، دعائون به گهرو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ جي رحمت گڏ هوندي ۞اهڙي طرح امتحان ۾ ڪاميابي گهرجي ۞انٽرويو ۾ پاس ٿيڻو آهي۞ ڪو به وڏي ڪان وڏو ڪم ڪرڻو آهي، ان لاءِ باقاعده پلاننگ ڪريو، سچي لڳن سان، شوق سان ڀرپور محنت ڪريو ۽ الله پاڪ جي رحمت تي پڪو ڀروسو رکو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي نصيب ٿي ويندي.

# مقصد حاصل ٿي ويو

هڪ صاحب هو، جيڪو طريقت جي رستي تي نڪتو، ان دل پاڪ ڪري الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سال مجاهدا ۽ رياضتون ڪيون پر مقصد حاصل نہ ٿيو، آخرڪار سيد شاهہ آلِ محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ مارهره شريف حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: ڪيترائي سال ٿي ويا آهن پر مقصد حاصل نٿو ٿئي. شاهہ آلِ محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي پاڻ وٽ قبول ڪيو ۽ خانقاهہ شريف جي هڪ ڪمري ۾ سندن رهڻ جو بندوبست ڪيو. گڏوگڏ، پاڻ خادم کي الڳ سان سڏائي حڪم ڏنو: ڪين شام جي ماني ۾ مڇي ڏني وڃي پر پاڻي جو هڪ ڦڙو بہ نہ ڏنو وڃي ۽ کائڻ کان پوءِ فوري طور دروازو ٻاهر کان بند ڪيو وڃي. خادم حڪم تي عمل ڪيو، نمازِ عشاء کان پوءِ ڪين ماني ۾ مڇي ڏني وئي، جڏهن اهي کائي چڪا تہ خادم فوري طور ٻاهر کان دروازو بند ڪري روانو ٿي ويو. مڇي تہ پاڻي جي ديواني آهي، رهندي ئي پاڻي ۾ آهي، ان کي پچائي کائي وٺو تہ بہ پاڻي گهرندي آهي، تنهنڪري ان صاحب کي سخت اڃ لڳي پر پاڻي تہ هو ئي نہ، دروازو ٻاهر کان بند هو، پاڻ وڃي ڪري بہ نہ پيا پي سگهن، هاڻي اهو اندر کان دانهون ڪري ٿو تہ مونکي پاڻي ڏنو وڃي پر اتي ٻڌڻ وارو ڪوبہ نہ هو! انهن کي پاڻي نہ ملڻو هو، نہ مليو، رات جيئن گذرڻي هئي، گذري وئي. صبح فجر جي وقت خادم ڪمرو کوليو، جيئن ئي دروازو کليو، اهو صاحب پاڻي ڏانهن ڊوڙيو، جيترو پي سگهيو، خوب پيتائين. جان ۾ جان اچي وئي، هاڻي نماز فجر ادا ڪئي. نماز کان پوءِ شاهہ آلِ محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيو: خيريت آهي؟ عرض ڪيائون: حضور! رات تہ خادمن ماري ئي وڌو هو. اهڙي گرمي ۾ هڪ تہ مونکي مڇي کارائي، پاڻي جو هڪ ڦڙو بہ نہ ڏنائون ۽ وري ڪمري جو دروازو بہ ٻاهر کان بند ڪري ڇڏيائون. فرمايائون: پوءِ رات ڪيئن گذري؟ عرض ڪيائون: جيستائين جاڳندو رهيس پاڻي جو خيال! جڏهن سمهي پيس تہ خواب ۾ بہ پاڻي کان سوا ٻيو ڪجهہ نہ ڏٺو. شاهہ آل محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: طلبِ صادق (يعني سچي طلب) انهيءَ جو نالو آهي. جنهن مقصد تائين نہ پهچڻ جي توهان

شڪايت ڪري رهيا هئا (تہ ڪيترن سالن کان مقصد حاصل نہ ٿيو)، ڪڏهن ان لاءِ اهڙي طلب بہ ڪئي هئي؟ هاڻي اهو صاحب پنهنجي ناڪامي جي سبب سمجهي چڪو هو، تنهنڪري هاڻي ڪان سچي طلب سان مجاهدات شروع ڪيا، آخرڪار الله پاڪ جو فضل ٿيو ۽ کين پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ملي وئي.[1]

تجھ کو گر رُتبۂ عالی کی طلب ہے بھائی! | غور سے سُن! تجھے ہستی کو مٹانا ہو گا
بھائیو! چاہئے گر ربِّ محمد کی رضا | خود کو محبوب کی سُنّت پہ چلانا ہو گا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## محنت سان گڏ تَوَڪُّل بہ ضروري آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن دنيا ۾ مشڪلات کان وڙهڻ، مصيبتن مان نڪرڻ ۽ ڪاميابي ماڻڻ جي لاءِ هڪ ضروري شيءِ تَوَڪُّل بہ آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَاِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ یُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِیْنَ ﴿۱۵۹﴾ (پاره: 4، آلِ عمران: 159)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن ڪنهن ڳالھ جو پڪو ارادو ڪري وٺو تہ الله تي ڀروسو ڪيو بيشڪ الله توڪل ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي.

هن آيت جي حوالي سان تفسير خزائنُ العرفان ۾ آهي: تَوَڪُّل جي معنيٰ آهي: الله پاڪ تي اعتماد ڪرڻ ۽ ڪمن کي ان جي حوالي ڪري ڇڏڻ. مقصد هي آهي تہ ٻانهي جو اعتماد (*Confidence*) تمام ڪمن ۾ الله پاڪ تي هجڻ گهرجي.[2]

## الله پاڪ جي رحمت تي اُمّيد رکو!

حضرت عبد الله بن داؤد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: توڪل ڪنهن کي چئبو آهي؟

---

[1] ملفوظات اعلیٰ حضرت، صفحہ: 470ملخصاً۔

[2] خزائن العرفان، پارہ:4، آل عمران، زیرِ آیت:159، صفحہ:141۔

فرمايائون: اَنَّ التَوَكُّلَ حُسْنُ الظَّنِّ بِاللّٰه يعني الله پاڪ جي رحمت تي يقين رکڻ کي توڪل چئبو آهي.[1]

معلوم ٿيو: جڏهن اسان ڪنهن ڪم جو ارادو ڪريون ته هاڻي الله پاڪ تي ڀروسو رکون، الله پاڪ جي رحمت تي پورو ڀروسو هجي ته مان محنت ڪندس ته ربّ ڪريم پنهنجي رحمت سان مون کي ڪاميابي ضرور عطا فرمائيندو.۞هي ستارن جي چال منهنجو ڪجهه به نٿي بگاڙي سگهي ڇو ته حَسْبُنَااللّٰهُ اسان لاءِ الله پاڪ ڪافي آهي ۞ ڪاري ٻلي رستو ڪٽي، تڏهن به منهنجا ڪم نٿا رڪجي سگهن ڇوته حَسْبُنَااللّٰهُ اسان لاءِ الله ڪافي آهي ۞ نجومين (Astrologers) جون ڳالهيون منهنجي مستقبل (Future) جو فيصلو نٿيون ڪري سگهن، حَسْبُنَا اللّٰهُ اسان لاءِ الله ڪافي آهي ۞چنڊ گرهڻ هجي يا سج گرهڻ هجي، صفر جو مهينو هجي يا اڱاري جو ڏينهن هجي، منهنجي ڪاميابي ۾ اهڙي ڪا به بدشگوني رڪاوٽ نٿي بڻجي سگهي ڇو؟ انڪري جو منهنجو عقيدو آهي: حَسْبُنَا اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْل اسان لاءِ الله ڪافي آهي ۽ اهو ڪيترو سٺو ڪارساز (بگڙيل ڪم ناهيندڙ) آهي.

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ | بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا[2]

## جيڪو تَوَڪّل ڪري، الله ان کي ڪافي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! حَسْبُنَا اللّٰهُ جو مطلب اصل ۾ اهو آهي ته ڪنهن به ڪم ۾ ڪاميابي جي مخالف جيڪي طاقتون آهن، يعني اسان جي ڪاميابي جي رستي ۾

[1] موسوعہ ابن ابی الدنیا، حسن الظن باللہ، جلد: 1، صفحہ:60، رقم:27۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:18۔

جيڪي بہ رڪاوٽون آهن، ٻانهو انهن جي پرواهہ نہ ڪري ۽ دل سان اهو يقين ڪري تہ مون کي الله ڪافي آهي، جڏهن اهو ربّ ذيشان منهنجو مددگار آهي، جيڪڏهن ان جي مدد شامل حال آهي تہ دنيا جي ڪا بہ رڪاوٽ مون کي ڪاميابي کان هرگز روڪي نٿي سگهي. الله پاڪ جي رحمت تي اهو سچو ۽ پڪو اعتماد اها عظيم دولت آهي، جنهن سان اسان کي طاقت بہ ملي ٿي، جنهن سان اسان کي همت بہ ملي ٿي، حوصلو بہ نصيب ٿئي ٿو ۽ انهي جي برڪت سان ٻانهو هر مشڪل کان بآساني گذري وڃي ٿو. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ

ترجموڪنز العرفان: ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري تہ اهو کيس ڪافي آهي.(پاره:28، الطلاق:3)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: ڪهڙيون بہ مشڪلاتون هجن، ڪهڙيون بہ مصيبتون اچن، ڪاميابي جي رستي ۾ ڪهڙيون بہ رڪاوٽون ڇو نہ اچي وڃن، جيڪو خوش نصيب الله پاڪ تي ڀروسو ڪري ٿو، ربّ ڪريم پنهنجي رحمت سان ان لاءِ ڪافي ٿي ويندو آهي.

## نابينا پکيءَ جو توڪل

صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ٻاهر نڪتس، اسان ڏٺو، هڪ نابينا پکي آهي، ان کي نظر ڪجهہ نہ ٿو اچي ۽ اهو وڻ تي پنهنجي چهنب هڻي رهيو آهي. سيني جون ٻوليون ڄاڻيندڙ نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انس! ڄاڻين ٿو هي پکي ڇا چئي رهيو آهي؟ مون عرض ڪيو: الله پاڪ ۽ ان جو رسول ئي بهتر ڄاڻن ٿا. فرمايائون: هي چئي ٿو: **اي الله! تون انصاف ڪرڻ وارو آهين، تو ئي منهنجي اکين جي روشني ختم فرمائي آهي، مون کي بک لڳي آهي.**

فرمائن ٿا: اجا ھي ڳالھ ھلي رھي ھئي تہ ھڪ ماڪڙ آئي ۽ ان پکي جي وات ۾ گھڙي وئي. ھاڻي اھو پکي ٻيھر پنھنجي ڇھنب وڻ تي ھڻڻ لڳو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انس! ڄاڻين ٿو: ھاڻي ھي ڇا چئي رھيو آھي؟ مون عرض ڪيو: نہ. فرمايائون: ھي چئي ٿو: مَنْ تَوَكَّلَ عَلَى اللهِ كَفَاهُ جيڪو اللہ پاڪ تي ڀروسو ڪري ٿو، اللہ پاڪ ان کي ڪافي ٿي وڃي ٿو.[1]

## وحي جي ذريعي مدد ٿي وئي

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وڏي مرتبي واري ھستي آھن، ھڪ ڀيري ڪجھ خراب ذھن وارن منافقن سندن بابت تمام خراب افواھ ڦھلايو، انھن منافقن جي رد ۾ اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم جون تقريباً 18 آيتون نازل فرمايون ۽ بيبي عائشہ صديقہ طيبہ طاھره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي پاڪدامني کي چڱي طرح واضح فرمايو.

ھڪ ڀيري حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان پڇيو: اي عائشہ! اوھان اھڙو ڪھڙو عمل ڪيو ھو جو اللہ پاڪ توھان جي شان ۾ 18 آيتون نازل فرمائي ڇڏيون؟ فرمايائون: مون پڙھيو ھو: حَسْبِيَ اللهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْلُ مون لاءِ اللہ ڪافي آھي ۽ اھو ڪيترو سٺو ڪار ساز آھي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن روايت مان حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي شان ۽ عظمت بہ معلوم ٿي: اول تہ ھي ڏسو تہ سندن توڪل ڪيترو مضبوط ھو، اللہ پاڪ سان سندن لڳاءُ ڪيترو عظيم ھو، سندن تي مشڪل آئي، پريشاني آئي، پاڻ اللہ پاڪ جي رحمت تي ڀروسو ڪيو، پوءِ اللہ پاڪ جون ڪرم نوازيون

---

[1] الحاوی للفتاوٰی، الفتاوٰی الحدیثیہ، مجموع الاسئلۃ الناجیۃ، صفحہ:442

[2] موسوعہ ابن ابی الدنیا، التوکل علی اللہ، جلد:1، صفحہ:161، حدیث:47 بتصرف۔

ڏسو! ربّ رحمٰن پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زوجه محترمه جي شان ۾ 18 آيتون نازِل ڪري سندن پاڪدامني کي چڱي طرح واضح فرمايو.

| | |
|---|---|
| اہلِ اسلام کی مادرانِ شفیق | بانُوانِ طہارت پہ لاکھوں سلام |
| بنتِ صدّیق آرامِ جانِ نبی | اس حریمِ بَرَاءَت پہ لاکھوں سلام[1] |

**وضاحت:** اَهلِ اسلام جي شفقت ڪندڙ پاڪ ۽ پاڪيزه مائرن تي سلام هجي، حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ڌيءَ حضرت عائشه رضی اللّٰه عنها جيڪا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل جو آرام آهي، جن جي باري ۾ اللّٰه پاڪ جي طرفان پاڪائي ۽ پاڪبازي جي صفائي نازل ٿي، انهن تي لکين سلام هجن.

## حَسْبِیَ اللّٰه ۽ حَسْبُنَا اللّٰه ۾ فرق

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌي رهيا آهيو ته ڪنهن روايت ۾ لفظ حَسْبُنَا اللّٰه اچي رهيو آهي ته ڪنهن ۾ حَسْبِيَ اللّٰه اچي رهيو آهي. انهن ٻنهي جو مطلب بنيادي طور تي هڪ ئي آهي، فرق صرف ايترو آهي ته حَسْبُنَا اللّٰه جمع لاءِ آهي ۽ حَسْبِيَ اللّٰهُ واحد لاءِ آهي. يعني جڏهن چوڻو هجي ته: اسان کي اللّٰه ڪافي آهي، تڏهن توهان چئو: حَسْبُنَا اللّٰه ۽ جڏهن چوڻو هجي: مون کي اللّٰه ڪافي آهي. تڏهن توهان چئو: حَسْبِيَ اللّٰه.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت جِزئِيل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي غيب مان مدد

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه پاڪ تي ڀروسو رکڻ وارن جي ڪيئن مدد ڪئي ويندي آهي، هڪ ٻيو ايمان افروز واقعو ٻڌو! حضرت **حِزْئِيل** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا امتي هئا، سندن فرعون جا سوٽ هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪلمو پڙهيو ۽ ايمان آڻي سڌي راهه جا مسافر ٿي ويا، فرعون کي جڏهن هن

[1]…حدائقِ بخشش، صفحه:310، 311 ملتقطاً.

ٻالهه جي خبر پئي تہ فرعون انهن کي ڌمڪي ڏني ۽ چيو: "تو اسان جي دين جي مخالفت ڪئي تہ اسان توسان بري طرح پيش اينداسين.[1] حضرت جِزَئيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مضبوط ايمان جو مظاهرو ڪندي چيو.

وَاُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۴۴﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ مان پنهنجا ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو. بيشڪ الله ٻانهن کي ڏسي ٿو. (پاره: 24، اَلْمُؤمِن: 44)

رکھتے ہیں جو اللّٰہ کی قُدرت پہ بھروسہ
دُنیا میں کسی کی وہ خوشامد نہیں کرتے

حضرت **جِزَئِيل** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجو معاملو الله پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو تہ الله پاڪ فرعون کان سندن حفاظت ڪئي. مُفسر سڳورا فرمائن ٿا: فرعون کي ۽ ان جي قوم کي ايمان جي دعوت ڏيڻ کانپوءِ حضرت جزئيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرعون جي دربار مان هليو ويو ۽ هڪ جبل تي وڃي الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويو، فرعون ان جي پويان سپاهي موڪليا تہ وڃو! ان کي پڪڙي آڻيو. جڏهن سپاهي ان جبل تي پهتا تہ ڏٺائون تہ حضرت **جِزَئِيل** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عبادت ۾ مصروف آهي ۽ جهنگلي جانور (مثلاً شير، چيتا وغيره) ان جي چوڌاري پهرو ڏئي رهيا آهن، اهو منظر ڏسي فرعوني سپاهين جا لڱ ڪانڊارجي ويا ۽ اهي ڊپ کان واپس ڀڄي ويا.[2]

جسے تُو پکڑ لے اس کو چھڑا سکتا نہیں کوئی | اسے پھر کون پکڑے جس کو مولیٰ تُو رِہا کردے

ان کان پوءِ فرعون ۽ ان جي قوم تي عذاب آيو ۽ انهن کي درياء ۾ غرق ڪيو ويو.

مَشِیَّت کس کے بَس میں، قَضَا سے کون لڑتا ہے | یہاں جو سَر اُٹھاتا ہے، اسے جھکنا ہی پڑتا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] صراط الجنان، پاره:24، سورة مؤمن، زيرِآيت:44، جلد:8، صفحہ:568 بتصرف۔

[2] ..تفسير جيلانی، پاره:24، سورة مؤمن، زيرِ آيت:44، جلد:4، صفحہ:322۔

## هر مشڪل کان نجات جو وظيفو

پيارا اسلامي ڀائرو! حَسۡبُنَا اللّٰهُ تمام بهترين وظيفو آهي۞ ڪوئي مشڪل هجي۞ ڪا پريشاني هجي۞ غربت اچي وئي هجي۞ ڪم اٽڪي ويا هجن۞ گهر ۾ پريشاني هجي۞ دڪان تي پريشاني هجي۞ آفيس ۾ پريشاني هجي۞ ڪا بيماري اچي وئي هجي۞ قرض چڙهي ويو هجي۞ ڪيتري ئي وڏي مشڪل پيش اچي، دل جي يقين سان حَسۡبُنَا اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡل جو وظيفو ڪريو! الله پاڪ هر مشڪل کان نجات عطا فرمائيندو. حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن توهان کي ڪا مشڪل، پريشاني، وڏي مصيبت اچي حَسۡبُنَا اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡل پڙهندا ڪريو[1]!!...

## هر خوف کان امان

علامہ سيوطي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡہ حديث پاڪ ذڪر ڪئي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: حَسۡبِيَ اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡل اَمَانٌ لِكُلِّ خَائِفٍ يعني حَسۡبِيَ اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡل پڙهڻ هر خوفزده کي امان ڏئي ٿو[2].

حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡہ جو ارشاد آهي: مون کي ان ماڻهو تي وڏو تعجب ٿئي ٿو جنهن کي ڪنهن کان ڊپ هجي اهو ڇونہ ٿو پڙهي حَسۡبُنَا اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡل.[3]

## خوف کان نجات ملي وئي

حضرت ابوبڪر عَجَلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري آئون باغ ۾ هئس، اوچتو مون کي هڪ خوفناڪ شڪل وارو ڪارو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيو (شايد اهو ڪو جِن هيو)، پهريان تہ آءُ گهبرائجي ويس، پوءِ مون هي پڙهڻ شروع

---

[1] الجامع الصغير، صفحہ:61، حديث:897۔
[2] الجامع الصغير، صفحہ:226، حديث:3715۔
[3] دو خزانے،صفحہ:7۔

ڪيو: حَسۡبِيَ اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡل، حَسۡبِيَ اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡل جيئن جيئن آئون هي پڙهندو پئي ويس اهو ڪارو ماڻهو زمين ۾ ڌڀجندو پئي ويو، جيئن تہ ان بابرڪت وظيفي جي برڪت سان اهو ڪارو ماڻهو پوري جو پورو زمين ۾ ڌڀجي ويو ۽ مون کي ان کان نجات ملي وئي. (1)

## آندهي ۽ سردي کان نجات ملي وئي

خليفہ مهدي جيڪو خلافتِ عباسيہ (Abbasid Empire) جو هڪ خليفو هيو. هڪ ڀيري شڪار لاءِ نڪتو، رستي ۾ سخت ۽ ڪاري آندهي اچي وئي، خليفي سان گڏ جيترا سپاهي هئا، سڀ ان کان وچڙي ويا، ڪجھ بہ نظر نہ اچي رهيو هو، هاڻي خليفو جهنگل ۾ اڪيلو رهجي ويو. وڏي مشڪل پيش آئي، گهاٽو جهنگل آهي، خليفو اڪيلو ان جهنگل ۾ آهي، ڪو ساٿي، ڪو سپاهي گڏ نہ آهي. خليفو مهدي چئي ٿو: ان اڪيلائي ۾ مون کي سخت بک بہ لڳي رهي هئي، اڄ جي بہ شدت هئي ۽ گڏوگڏ سردي بہ تمام گهڻي لڳي رهي هئي. وڌيڪ چئي ٿو: اوچتو مون کي هڪ حديث پاڪ ياد آئي، حضرت عبداللہ بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: جيڪو ٻانهو صبح شام هي دعا پڙهي وٺي اهو ۞ سڙڻ، ۞ ٻڏڻ ۞ ڪري تباهہ ٿيڻ ۽ بُري موت مرڻ کان محفوظ رهندو.

## دُعا ڪهڙي آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ وَبِاللّٰهِ، وَلا حَوۡلَ وَلا قُوَّةَ إِلا بِاللّٰهِ، اِعۡتَصَمۡتُ بِاللّٰهِ، وَتَوَكَّلۡتُ عَلَى اللّٰهِ، حَسۡبِيَ اللّٰهُ، لا حَوۡلَ وَلا قُوَّةَ إِلا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيمِ

خليفو چئي ٿو: مون پوري يقين سان جيئن ئي اها دعا پڙهي، مون کي ٿوري فاصلي تي باهہ ٻرندي نظر آئي، آءُ اتي پهتس، اها هڪ اعرابي جي جهوپڙي هئي، ان اعرابيءَ منهنجي خوب مهمان نوازي ڪئي، بهترين شربت

---

[1]… موسوعہ بن ابی دنيا، التوکل، جلد:1، صفحہ:152، رقم:32۔

پياريو، اهڙو شربت مون ڪڏهن نہ پيتو هو، بهترين ڪاڏو بہ ڪارايو ۽ سمهڻ لاءِ بهترين بسترو پڻ مهيا ڪيو.

ايئن پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل دعا جي برڪت سان منهنجي جان بہ بچي وئي، بک ۽ اُڃ بہ متجي وئي ۽ سردي کان حفاظت جو سامان بہ ٿي ويو.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ حَسْبُنَا اللّٰهُ بهترين وظيفو آهي، ان جي برڪت سان وڏيون وڏيون مشڪلاتون ٽري وڃن ٿيون.

## نبين جو وظيفو

پيارا اسلامي ڀائرو! حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْل نبين ۽ ولين جو وظيفو آهي. الله پاڪ جي پيارن نبين جو اهو طريقو هو تہ جڏهن انهن کي ڪا مشڪل پيش ايندي هئي، ڪا پريشاني ايندي هئي تہ بدشگوني نہ وٺندا هئا بلڪ الله پاڪ جي طرف توجهه ڪندا هئا، ان تي ڀروسو رکندا هئا، دل جي پڪي يقين سان حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْل پڙهندا هئا. حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: باهہ جي ڏينهن (جنهن ڏينهن نمرود حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام لاءِ باهہ ٻاري هئي) ان ڏينهن جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي باهہ جي سامهون آندو ويو تہ سندن باهہ کي ڏسي چيو: حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْل: اسان کي الله ڪافي آهي ۽ اهو ڪيترو سٺو ڪار ساز آهي.[2]

پوءِ انهيءَ وظيفي جي برڪت هئي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪامل يقين ۽ الله پاڪ جي رحمت تي ڀروسي جي برڪت هئي جو اها وڏي باهہ جيڪا ميلن تائين ڦهليل هئي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام لاءِ گلن جو باغ ٿي وئي.

---

[1] تاريخ مدينہ دمشق، جلد:53، صفحہ:435۔

[2] حلية الاولياء، جلد:1، صفحہ:51، رقم:34

## نمڪين پاڻي مٺو ٿي ويو

اهڙي طرح اللّٰه پاڪ جي نبي حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جي باري ۾ روايت آهي: جڏهن کين کوهه ۾ اڇلايو ويو تہ پاڻ پڙهيائون: حَسْبِيَ اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْل، مون کي اللّٰه ڪافي آهي ۽ اهو ڪيترو سٺو ڪار ساز آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي: ان کوهه جو پاڻي نمڪين هو، حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام جي ان وظيفي جي برڪت سان پاڻي مٺو ٿي ويو.[1] (۽ اللّٰه پاڪ ان کوهه مان نڪرڻ جا سبب بہ پيدا ڪيا.)

## جڏهن ڪا مشڪل پيش اچي

امام اِبنِ ابي دنيا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ لکن ٿا: نبين جي سلطان، رسول ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ٻانهي کي ڪو غم، ڪا مصيبت اچي تہ پڙهي.

حَسْبِيَ الرَّبُّ مِنَ الْعِبَادِ، حَسْبِيَ الخَالِقُ مِنَ المَخْلُوقِينَ، حَسْبِيَ الرَّازِقُ مِنَ المَرْزُوقِينَ، حَسْبِيَ الَّذِي هُوَ حَسْبِيْ، حَسْبِيَ اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيلُ، حَسْبِيَ اللّٰه لاَ إِلٰهَ إِلاَّ هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ[2]

ترجمو: ٻانهن جي بدران مون کي رب ڪريم ڪافي آهي، مخلوق جي مقابلي ۾ مون کي خالق ڪافي آهي، رزق جي وسيلن جي بدران مون کي خود رزاق ڪافي آهي، مون کي اهو ڪافي آهي، مون کي اللّٰه پاڪ ڪافي آهي اهو بهترين ڪارساز آهي، مون کي اللّٰه پاڪ ڪافي آهي ان کان سواءِ ڪوئي معبود نہ آهي، انهيءَ تي ئي منهنجو ڀروسو آهي اهو عرش عظيم جو رب آهي.

## درد جي شدت ختم ٿي ويندي هئي

[1] موسوعہ ابن ابی دنيا، التوکل، جلد:1، صفحہ:151، حديث:29۔

[2] ...موسوعہ ابن ابی دنيا، الفرج بعد الشدة ، جلد:2، صفحہ:114، حديث:54۔

منقول آهي ته ماڻهن هڪ بيمار پوڙهي ماڻهو کي جڏهن علاج ڪرائڻ جو چيو ته ان علاج ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، چوڻ لڳو ته صبر ڪرڻ وارن علاج کان بهتر حل ڏنو آهي. ماڻهن چيو: الله پاڪ اوهان تي رحم ڪري، علاج کان بهتر حل ڇا آهي؟ پوڙهي ماڻهوءَ سيپاري: 23، سورت زمر جي آيت: 10 تلاوت ڪئي:

إِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۱۰﴾

ترجموڪَنزُالعِرْفان: صبر ڪرڻ وارن کي ئي انهن جو ثواب بي حساب ڀرپور ڏنو ويندو.

پوءِ چوڻ لڳو: آئون ڪنهن شيءِ کي صبر جي برابر نه ٿو سمجهان ۽ علاج ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ان ڪانپوءِ جڏهن به ان کي درد جي شدت جو احساس ٿيندو هو ته هو حَسْبِيَ اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيلُ پڙهي وٺندو هو ته ان جي درد جي شدت ختم ٿي ويندي هئي.[1]

## هڪ اهم وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ وضاحت ڪيان: الله نه ڪري ڪو مرض، بيماري اچي وڃي ته علاج ڪرائڻ گهرجي ڇو ته علاج ڪرائڻ سنت کان ثابت آهي، البت اهي نيڪ ماڻهو جيڪي توڪل جي بلند مرتبي تي پهتل هوندا آهن، اهي ڪڏهن ڪڏهن الله پاڪ تي يقين رکندي علاج ناهن ڪرائيندا، هي انهن جي حق ۾ درست آهي. اسان کي گهرجي ته علاج ضرور ڪرائيندا ڪيون. ها! روحاني علاج (يعني قرآن جي آيتن ۽ قرآن ۽ حديثن ۾ ذڪر ڪيل وظيفن، تعويذ وغيره جي ذريعي علاج ڪرائڻ) وڌيڪ بهتر آهي ڇو ته شفا ڏيڻ واري ذات الله پاڪ جي ئي آهي ۽ ان جي نالن ۾ شفا آهي. ان کان علاوه شريعت جي دائري ۾ رهي ميڊيڪل وغيره جي ذريعي به علاج ڪرائڻ گهرجي.

[1] موسوعہ ابن ابی دنیا، الصبر والثواب علیہ، جلد:4، صفحہ:51، رقم:132ملخصاً۔

حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: جيڪو ٻانهو صبح ۽ شام ست ست ڀيرا اهو وظيفو پڙهي: حَسْبِیَ اللّٰهُ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ، عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيمِ ...!! الله پاڪ دنيا ۽ آخرت جي سيني مشڪلاتن لاءِ ان کي ڪافي ٿي ويندو.[1]

## شجره قادريہ عطاريہ جو هڪ وظيفو

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اسان وٽ اهو ڪيترو پيارو وظيفو آهي...!! ❁ ڪا مشڪل پيش اچي، ❁ ڪا پريشاني هجي، ❁ ڪا مصيبت اچي، ❁ قرض چڙهي ويو، ❁ ڪم ڪار بند ٿي ويو، ❁ نوڪري ختم ٿي وئي، ❁ بيماري اچي وئي، ❁ غرض ڪا بہ مشڪل اچي وئي، هاڻي ان جو وبال ڪاري ٻلي تي، ڪنهن ويچاري انڌي تي، تارن تي نہ وڃهو! يعني بدشگوني نہ وٺو! وظيفو پڙهو! حَسْبُنَا اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْل...!! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم مشڪلات آسان ٿي وينديون.

شجره عاليہ قادريہ عطاريہ ۾ آهي: روزانو نماز فجر کانپوءِ سج اڀرڻ کان پهريان ۽ نماز مغرب کانپوءِ ڏهہ ڏهہ ڀيرا پابندي سان اها دعا پڙهڻ وارن جا اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم سيئي جائز ڪم ٿيندا ۽ دشمن بہ مغلوب ٿيندو.[2]

حَسْبِیَ اللّٰهُ ۖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿۱۲۹﴾

(پاره:11، التوبہ:129)

ترجمو ڪنزالعرفان: مون کي الله ڪافي آهي ان کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي، مون انهيءَ تي ڀروسو ڪيو ۽ اهو عرش جو مالڪ آهي.

## نبين ۽ ولين کان مدد گهرڻ ڪيئن آهي؟

---

[1] عمل اليوم و الليلہ لابن سنی، صفحہ:63، حديث:71۔

[2] شجره قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ، صفحہ:27۔

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان جي آخر ۾ هڪ تمام اهم وضاحت ٻڌي ونو! ۞ حَسْبُنَا اللّٰهُ جو مطلب آهي: اسان اللّٰه پاڪ تي ڀروسو رکون ٿا، ۞ حَسْبُنَا اللّٰهُ جو مطلب آهي: جڏهن تہ اللّٰه پاڪ مون سان گڏ آهي، تنهن ڪري آءُ ڪنهن مشڪل کان نٿو ڊڄان،۞ حَسْبُنَا اللّٰهُ جو مطلب آهي: جڏهن تہ اللّٰه پاڪ مون سان گڏ آهي، آءُ رستي جي ڪنهن رڪاوٽ کان نٿو ڊڄان، ،۞ حَسْبُنَا اللّٰهُ جو مطلب آهي: جڏهن تہ اللّٰه پاڪ مون سان گڏ آهي، تنهنڪري منهنجا حوصلا بلند آهن، تنهنڪري آءُ بهادر آهيان، تنهنڪري مون کي ڪوبہ خطرو ناهي، مون کي ڪوبہ خوف ناهي.

پر حَسْبُنَا اللّٰهُ جو هي مطلب ناهي تہ مون کي اللّٰه ڪافي آهي ۞ تنهنڪري آءُ نبين ۽ ولين کان بي نياز ٿي ويس ۞ حَسْبُنَا اللّٰهُ جو هي مطلب ناهي تہ يا رسول اللّٰه چوڻ شرڪ ٿي ويو، حَسْبُنَا اللّٰهُ جو هي مطلب ناهي تہ يا غوث چوڻ شرڪ ٿي ويو .نہ، نہ...!! ان جو اهو مطلب هرگز ناهي، اچو! آءُ اوهان کي هڪ آيتِ ڪريم ٻڌايان ٿو، اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ

تَرْجمو ڪَنْزُالعِرْفان: اي نبي!

اي اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اي غيب جون خبرون ٻڌائڻ وارا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

حَسْبُكَ اللّٰهُ

تَرْجمو ڪَنْزُالعِرْفان: اللّٰه توهان کي ڪافي آهي

توهان کي اللّٰه ڪافي آهي. هتان کان هاڻي ڳالهہ سمجهڻ جي آهي، ڇا صرف اللّٰه ڪافي آهي؟ يا گڏ ڪجهہ ٻيو بہ آهي؟ فرمايو:

وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۴﴾

تَرْجمو ڪَنْزُالعِرْفان: ۽ جيڪي مسلمان توهان جا پيروڪار آهن.

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! توهان کي توهان جو رب ڪريم ٻه ڪافي آهي ۽ گڏوگڏ هي جيڪي اوهان جا صحابہ آهن، اوهان جو ڪلمو پڙهڻ وارا پڪا سچا مسلمان آهن، اهي ٻه توهان کي ڪافي آهن.

معلوم ٿيو: اسان کي اللّٰه ڪافي آهي، ضرور ڪافي آهي پر ان جو هي مطلب هرگز ناهي تہ اللّٰه پاڪ جي ٻانهن کان مدد گهرڻ، نبين ۽ ولين کان مدد گهرڻ شرڪ آهي؟ نہ...!! نہ...!! بيشڪ اللّٰه ئي ڪافي آهي، بيشڪ اللّٰه ئي مددگار آهي پر اهو مدد مختلف طريقن سان فرمائي ٿو.

آءُ هڪ مثال ذريعي عرض ڪريان، رازق ڪير آهي؟ اللّٰه پاڪ. اهو ئي سيني کي رزق عطا فرمائي ٿو پر اسان اللّٰه پاڪ جي ان رزق کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيون ٿا؟ دڪان کوليون ٿا، ڪاروبار ڪندا آهيون، محنت مزدوري ڪندا آهيون، ڇو؟ رازق تہ اللّٰه پاڪ آهي، پوءِ اسان دڪان تي ڇو ٿا وڃون؟ يقيناً معمولي عقل رکندڙ مسلمان بہ اهو ئي چوندو تہ رازق اللّٰه پاڪ ئي آهي، ان رزق عطا ڪرڻ جا انداز مختلف رکيا آهن، ڪنهن کي دڪان جي ذريعي رزق ملي ٿو، ڪنهن کي محنت مزدوري ڪري ملي ٿو، ڪنهن جو رزق ملازمت ۾ رکيو ويو آهي.

بلڪل اهڙي طرح اسان کي اللّٰه پاڪ جي رحمت ڪافي آهي، اللّٰه پاڪ جي مدد ڪافي آهي پر هي مدد ❁ڪڏهن ڪعبي کان ملي ٿي، ❁ڪڏهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَ سَلَّم مان عطا ٿئي ٿي، ڪڏهن غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِ جي دروازي کان ملي ٿي، ❁ڪڏهن داتا حضور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِ جي دربار کان ملي ٿي، ❁ڪڏهن خواجہ اجمير رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِ جي درِ دولت کان نصيب ٿئي ٿي. تنهنڪري هي بلڪل درست آهي تہ اسان کي اللّٰه ڪافي آهي پر گڏوگڏ يا رسول اللّٰه! مدد! چوڻ، يا غوث! المدد!

پڪارڻ بالڪل درست آهي چوته الله پاڪ جا رسول، رسول مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جيڪا مدد فرمائيندا، غوث پاڪ جيڪا مدد فرمائيندا، اها به حقيقت ۾ الله پاڪ جي ئي مدد آهي، غير الله جي مدد ناهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَاِنَّ حَسۡبَكَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِیۡۤ اَیَّدَكَ بِنَصۡرِهٖ وَ بِالۡمُؤۡمِنِیۡنَ ۙ﴿۶۲﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ته بيشڪ الله اوهان کي ڪافي آهي. اهو ئي آهي جنهن پنهنجي مدد ۽ مسلمانن جي ذريعي اوهان جي تائيد فرمائي. (پاره:10، الانفال:62)

معلوم ٿيو: اسان کي الله ڪافي آهي، ڪيئن ڪافي آهي؟ اهڙي طرح جو ڪڏهن هو خود پنهنجي خاص مدد سان اسان کي نوازيندو آهي، غيب کان اسان لاءِ اسباب پيدا فرمائيندو آهي ۽ ڪڏهن اهڙي طرح ڪافي ٿي ويندو آهي جو ڪنهن نيڪ مؤمن کي اسان جو مددگار بڻائي ڇڏيندو آهي. تنهنڪري الله پاڪ غيب کان اسان لاءِ اسباب پيدا فرمائي، تڏهن به الله پاڪ اسان لاءِ ڪافي آهي ۽ جيڪڏهن رب ڪريم غوث ۽ خواجه کي، داتا حضور ۽ اعلیٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم وغيره ولين کي اسان جو مددگار بڻائي، تڏهن به اسان لاءِ الله ئي ڪافي آهي. اسان کي ته رب جي مدد گهرجي، اهو چاهي غيب کان ملي يا نبين، ولين جي ذريعي ملي، هر طرح سان قبول آهي.

## آخر نبين، ولين کان ڇو گهرون؟

ڪجهه ماڻهو اهو سوال ڪندا آهن ته هلو مڃي ورتو! اولياء ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم مددگار آهن پر جڏهن الله پاڪ پاڻ اسان جي ٻڌندو آهي، اسان جي مدد فرمائيندو آهي، پوءِ آخر اسان ٻانهن کان مدد گهرون ئي ڇو؟ صرف الله پاڪ کان ئي مدد گهرندا رهون.

**اهو وڏو اهم سوال آهي**، گهڻا خوش عقيده ماڻهو به ان شيطاني وسوسي جو شڪار ٿي سگهن ٿا. ان جو جواب ڇا آهي؟ اچو! هڪ حديث پاڪ ٻڌون ٿا.

حديث حسن آهي يعني سند جي اعتبار سان ان حديث ۾ ڪلام ناهي، گهڻن ئي محدثن ان حديث کي ذڪر ڪيو ۽ وڏن وڏن عالمن ۽ محدثن پاڻ ان حديث پاڪ جو تجربو بہ ڪيو آهي، حديث شريف ڪهڙي آهي؟ پڙهو!

بدري صحابي حضرت عتبہ بن غزوان رضي الله عنه آهن: الله پاڪ جي محبوب نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: جڏهن توهان مان ڪنهن جي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي ۽ هجي بہ ويران جاءِ تي جتي ڪو مددگار نہ هجي، اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن هو مدد چاهي تہ هيئن چئي: يَا عِبَادَ اللهِ أَغِيثُونِي، يَا عِبَادَ اللهِ أَغِيثُونِي اي الله جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪريو! اي الله جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪريو![1]

هاڻي ڏسو! اها تعليم ڪير ڏئي رهيا آهن؟ **اسان جا آقا، اسان جا هادي، اسان جا راهنما** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم **! دنيا جي اها هستي جيڪا سيني کان وڌي توحيد پرست آهي،** ❁ **اهو آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم **جيڪو سڀ کان وڌيڪ الله پاڪ جي پهچان رکڻ وارو آهي،** ❁ **اهو آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم **جيڪو سڀ کان وڌيڪ توحيد جو چرچو ڪرڻ وارو آهي،** ❁ اهو هادي ۽ راهنما صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کي تعليم ڏئي رهيو آهي تہ جيڪڏهن توهان اهڙي جاءِ تي هجو، جتي بظاهر ڪو مددگار نظر ناهي اچي رهيو، اهڙي جاءِ تي جيڪڏهن مدد گهرجي تہ ڪنهن کي پڪاريو! الله جي ٻانهن کي !...

غور ڪريو! ڇا محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم (مَعَاذَ اللّٰه!) نہ ٿا ڄاڻن تہ الله پاڪ مددگار آهي تہ ان کان مدد گهري وڃي، انهن ئي تہ اسان کي الله پاڪ کان گهرڻ سيکاريو آهي، يعني جنهن محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم اسان کي الله پاڪ کان گهرڻ سيکاريو آهي، اهي ئي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم اسان کي ترغيب ڏئي رهيا آهن تہ الله پاڪ جي ٻانهن کان گهرندا ڪريو! ۽ ٻانها بہ اهي جيڪي ظاهري طور تي نظر نہ ٿا اچن، اکين کان غائب آهن، تنهنڪري جن جي تعليم تي الله پاڪ کان گهرندا آهيون، انهن ئي جي ترغيب تي اسان اولياء ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم کان بہ مدد

---

[1] معجم ڪبير، جلد:7، صفحہ:48، حديث:13737۔

گهرندا آهيون. الله پاڪ اسان کي قرآن ۽ سنت مطابق صحيح عقائدا ۽ نظريا اپنائڻ جي توفيق نصيب فرمائي، اسان جو رب ڪريم! اسان کي مشڪلاتن ۽ پريشانين کان نجات نصيب فرمائي.

## بيان جو خلاصو

ڪلام جو خلاصو هي آهي تہ ❁ اسان الله پاڪ جا ٻانها آهيون، ❁ **ان ئي اسان کي پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو، ❁ اهو ئي اسان کي پالي ٿو، ❁ اهو ئي روزي ڏئي ٿو، ❁ اهو ئي اسان کي جيئرو رکي ٿو، ❁ اسان جيڪي ڪجھ ڪندا آهيون، ❁جيڪي ڪجھ ڪمائيندا ڪائيندا آهيون، ❁ سڀ ان جي ڏنل طاقت سان آهي،** تنهنڪري ❁ **ڪا مشڪل اچي، ❁ پريشاني اچي، ❁ مصيبت اچي، ❁ ڪجھ بہ ٿي وڃي، اسان کي گهرجي تہ، ❁ بدشگوني نہ وٺون، ❁ ڪنهن کي منحوس نہ سمجهون، ❁ پنهنجي ناڪامين جو وبال ڪاري ٻلّي تي، ❁ ڪنهن نابينا تي، ❁** تارن وغيره تي نہ وجهون، بلڪ الله پاڪ ڏانهن رجوع ڪريون، انهيءَ رب رحمٰن جي حضور سر جهڪايون، ان تي ڀروسو رکون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ جي مدد ۽ نصرت نصيب ٿيندي ۽ اسان کي هر مشڪل ۽ پريشاني کان نجات ملندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! پاڻ کي بدشگوني جهڙي نحوست کان بچائڻ، تَوَڪُّل جهڙي عظيم نعمت حاصل ڪرڻ، هر طرح جي حالات ۾ الله پاڪ جي ذات تي ڀروسو هجڻ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ دعوت اسلامي کان وابستہ ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور تي شرڪت ڪيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ برڪتون حاصل ٿينديون، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم علاقائي

دورو بہ آهي.

❁**حديث پاڪ جو خلاصو آهي:** جيڪي قدم راهِ خُدا ۾ خاڪ آلود ٿين، انهن کي جهنم جي باه نہ ڇُهندي. (مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔) ❁نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي. ❁اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ بازار ۾ تشريف کڻي ويندا هئا. ❁مختلف قبيلن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا. ❁دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ❁گهر گهر، دڪان دڪان وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن.❁ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي.❁ نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. اسان ان کي علاقائي دورو چوندا آهيون.

اوهان بہ عاشقانِ رسول سان گڏجي علاقائي دورو ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ❁ سُنَّتِ انبياء تي عمل جي سعادت ملندي. ❁ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ❁ حديث پاڪ جي مطابق نيڪي جي راهہ ڏيکارڻ وارو، نيڪي ڪرڻ واري جهڙو آهي.[1] ❁ جيڪڏهن اسان جي نيڪي جي دعوت سان هڪ شخص بہ نيڪ نمازي بڻجي ويو تہ يقين مڃو! پاڳ ئي کُلي ويندا.

اچو ترغيب جي لاءِ اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.

## مسجد جي طرف هلڻ لڳا

عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو 3 ڏينهن لاءِ، سنڌ جي شهر ٽنڊوآدم ۾ پهتو، جنهن ۾ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيت کان محروم اسلامي ڀائر بہ شامل هئا. نمازِ عصر کانپوءِ مدني قافلي جا عاشقانِ رسول علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت لاءِ مسجد جي ويجهو هڪ ڪرڪيٽ جي ميدان ۾ پهتا، مدني قافلي جي

[1]… ترمذي، صفحہ:628، حديث:2670ملتقطاً۔

هڪ عام اسلامي ڀاءُ اتي موجود نوجوانن کي ٻڌايو تہ اسان سان ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيت کان محروم اسلامي ڀائر بہ آهن، اهي توهان کي اشارن جي ٻولي ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪندا. پوءِ گونگن ۽ ٻوڙن اسلامي ڀائرن اشارن جي ٻولي ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ۽ اتي موجود ماڻهن کي مسجد ۾ گڏ هلڻ جو چيو. عام اسلامي ڀاءُ بہ اهڙيءَ طرح ترغيب ڏني تہ هي اسلامي ڀائر زبان ۽ ٻڌڻ جي قوت کان محروم هجڻ جي باوجود نيڪي جي دعوت لاءِ نڪري پيا آهن، الله پاڪ اسان کي انهن نعمتن سان نوازيو آهي، جيڪڏهن اسين انهن جي دعوت تي مسجد هلنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! انهن جي دل خوش ٿيندي. هي ٻڌي اهي ڪرڪيٽ کيڏندڙ نوجوان مٿو جهڪائي مبلغ سان گڏ مسجد جي طرف هلڻ لڳا.

| | |
|---|---|
| تِرا شکر مولا دیا دِینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دِینی ماحول |
| تُو آ بے نَمازی، ہے دیتا نمازی | خدا کرم سے بنا دِینی ماحول |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

نماز جا وقت (Prayer Times) ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جديد ذريعن جي ذريعي بہ قرآن ۽ سنت جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهي، ان ڳالهہ جي پيشِ نظر دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام سهڻي موبائل ايپليڪيشن بنام نماز جا وقت (Prayer Times) جاري ڪئي آهي. ۞ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي دنيا جي ڪنهن بہ مقام تي نماز جا وقت ۽ قبلي جي سمت معلوم ڪري سگهجي ٿي. ۞ جماعت جي وقت موبائل کي آٽو سائلنٽ ڪرڻ جو آپشن بہ موجود آهي. ۞ ان کان علاوه، قرآن پاڪ عربي متن ۽ ترجمو ۽ تفسير سان پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي. ۞ اذڪار (روحاني علاج)

بہ ڏنا ويا آهن. ۞ ڪائونٽر تسبيح جي ذريعي توهان پنهنجي روزاني جي ورد پڙهي سگهو ٿا. ۞ هن ايپليڪيشن جي ذريعي توهان ريڊيو مدني چينل ٻڌي سگهو ٿا. ۞ اذڪارِ نماز ڪي بہ تجويد سان شامل ڪيو ويو آهي. ۞ عيسوي ۽ اسلامي ڪئلينڊر (Calendar) جي سهولت بہ موجود آهي. ۞ ان کان علاوه توهان هن ايپليڪيشن جي ڊيش بورڊ (dashboard) کي 2 ڪلر ٿيم ۾ بہ استعمال ڪري سگهو ٿا. پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## چند ضروري اعلانات

❁ هر هفتي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو ڪندا آهن، ايندڙ هفتي بہ رات عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي اِنْ شَآءَاللّٰه الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ سوالن جا جواب بہ عطا فرمائيندا. تمام ذمّہ داران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

❁ شيخ طريقت، امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو **”نماز کان توجهہ هٽائڻ واريون شيون“** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏيو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي نيت سان ٻين سان بہ شيئر ڪريو! ❁ والدين جي مقام کي اجاگر ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ هڪ ڪتاب بنام **”ماءُ پيءُ جو مقام“** شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب کي 75 **روپئي** ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان قيمت ڏئي طلب فرمايو ❁ قرآن، حديث، عقائد، تصوف ۽ فقہ ۾ مهارت رکڻ

واري عظيم عالم امام اهلِ سُنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت جي مختلف پهلوئن تي لکيل ڪتاب ”**فيضان امام اهل سُنت**“ هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 415 روپئي ۾ طلب فرمايو. انهن ڪتابن کي پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي وڻڪاري جي حوالي سان ڪجھ مدني گل پيش ڪريان ٿو.

## وڻ لڳايو! ثواب ڪمايو!

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم : (1) "جنهن ڪو وڻ لڳايو ۽ ان جي حفاظت ۽ سار سنڀال تي صبر ڪيو ايستائين جو اهو ڦل ڏيڻ لڳو تہ ان مان ڪاڏو ويندڙ هر ڦل الله پاڪ وٽ ان (لڳائيندڙ) لاءِ صدقو آهي."[1] (2) جيڪو مسلمان وڻ لڳائي يا فصل پوکي پوءِ ان مان جيڪو پکي، انسان يا جانور کائي تہ اهو ان جي طرفان صدقو ٿيندو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! وڻ لڳائڻ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کان ثابت آهي، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عنهم جي مبارڪ سنت آهي. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عنه جي لاءِ تقريبًا 300 ڪجيءَ جا وڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان لڳايا.[3] انهن وڻن مان هڪ وڻ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عنه بہ لڳايو هو.[4] حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه بہ وڻ پوکيندا هئا[5] ❁ حضرت امير معاويہ

---

[1]…مسنداحمد، جلد:6، صفحہ:701، حديث:17037۔

[2]…مسلم، ڪتاب المساقاة، باب فضل الغرس و ا لزرع، صفحہ:604، حديث:1553۔

[3]…دلائل النبوة، باب ماظہر فی النخل التی غرسہا النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم …الخ،جلد:6، صفحہ:97بتصرف۔

[4]… دلائل النبوة، باب ماظہر فی النخل التی غرسہا النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم…الخ،جلد:6، صفحہ:97۔

[5]… ابن ماجہ ، ڪتاب الادب، باب فضل التسبيح، صفحہ:610، حديث:3807 ماخوذاً۔

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ به پنهنجي آخري عمر ۾ فصل پوکڻ جو ڪم شروع ڪيو هو. (1)

تفسير ڪبير ۾ آهي: نهرون(شاخون) ڪوٽڻ ۽ شجر ڪاري ڪرڻ (يعني وڻ لڳائڻ) جي ڪري فارس (ايران) جي بادشاهن جون عمرون ڊگهيون ٿينديون هيون. (2)

**وڻن جا فائدا:** ❁ وڻ، ٻُوٽا ڪاربان ڊائي آڪسائيڊ (Carbon Dioxide) وٺن ٿا، آڪسيجن فراهم ڪن ٿا ۽ گلوبل وارمنگ (Global Warming) يعني دنيا جي وڌندڙ گرمي ۾ گهٽتائي جو سبب بڻجن ٿا. (3)

## وڻ لڳائڻ جا احتياط

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻوٽو پوکڻو به آهي، ان کي وڻ به بڻائڻو آهي، تنهنڪري ❁ ٻوٽو پوکڻ کان بعد ان کي باقاعده پاڻي ڏيو! ۞ ان جي صفائي جو خاص خيال رکو ۞ عام راهن تي جتي هلڻ وارن کي تڪليف ٿئي ۞ جتي قانون طور منع هجي ❁ ۽ ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ۾ ٻوٽا نه پوکيو! ۞جيڪڏهن ڪنهن لاءِ ٻاهر ٻوٽا پوکڻ ممڪن نه هجي ته هو پنهنجي گهر ۾ ٻوٽا پوکي. (4)

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد للّٰہ دعوتِ اسلامي هر سال آگسٽ جي مهيني ۾ ملڪِ پاڪستان کي سرسبز بڻائڻ لاءِ وٽڪاري ڪري ٿي. دعوتِ اسلامي جي هن نعري "ٻوٽو لڳائڻو آهي وڻ بڻائڻو آهي" ۾ توهان به شامل ٿيو ۽ شرعي احتياطن سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻوٽو لڳائي ان کي درخت بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو.

ٻوٽا لڳائڻ جا وڌيڪ فضائل، فائدا ۽ احتياطون ڄاڻڻ لاءِ اميرِ اهل سنت مولانا

---

[1] تفسير ڪبير، پاره:12، هود، زيرِ آيت:61،جلد:6، صفحه:367 ، 368۔

[2] تفسير ڪبير، پاره:12، هود، زيرِ آيت:61،جلد:6، صفحه:367 بتصرف ۔

[3] درخت لگائیے ثواب کمائیے، صفحه:8 ملتقطاً۔

[4] درخت لگائیے ثواب کمائیے، صفحه:7-13-15 ملتقطاً۔

محمد الياس عطاري قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تمام سهڻو رسالو "وڻ لڳايو ثواب ڪمايو " مکتبة المدينہ کان حاصل ڪريو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪريو. اهو رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏيو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الهي ۽ ثواب لاءِ ٻين سان بہ شيئر (Share) ڪريو!

| | |
|---|---|
| آؤ لوگو! سب مل کر اِک شجر لگاتے ہیں | سر پہ ٹھنڈی چھت والا ایک گھر بناتے ہیں |
| گرمیوں کی چھاؤں ہیں ، سردیوں کا ایندھن ہیں | کون کہتا ہے یہ پیڑ پھل نہیں بناتے ہیں؟ |

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو |
| ربّ کے دَر پر جُھکیں، اِلتِجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

[1] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]… القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]… افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]… القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1… مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2… ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455